# دنيا جون انقلابي طاقتون متحد ٿي وڃو ، سامراجي جارحيت جو مقابلو ڪريو!

## REVOLUTIONARY FORCES OF THE WORLD UNITE, FIGHT AGAINST IMPERIALIST AGGRESSION!

(نومبر 1948ع)

تحرير: ڪامريڊ مائوزي تنگ

ترجمو ۽ ڪمپوز: طارق شبير

*هي مضمون ڪامريڊ مائوزيتنگ آڪٽوبر انقلاب جي 31 هين سالگره جي موقعي تي يورپ جي ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽين جي اطلاعاتي اداري جي جريدي "پائيدار امن جي لاءِ ، عوامي جمهوريت جي لاءِ" ( For a lasting peace, for a people's democracy) جي ذريعي تحرير ڪيو هيو. جيڪو 1948ع ۾ ان جي 21 هين شماري ۾ شايع ٿيو هيو.*

اڄ جڏهن دنيا جو سڄاڳ ٿيل پورهيت طبقو (Working class) ۽ سڀ حقيقي انقلابي ، سوويت يونين جي عظيم سوشلسٽ آڪٽوبر انقلاب جي 31 هين سالگره خوشي ۽ شادماني سان ملهائي رهيا آهن ، مونکي استالن جو مشهور مضمون ياد اچي رهيو آهي ، جيڪو هن 1918 ع ۾ انقلاب جي پهرين سالگره جي موقعي تي لکيو هو . ان مضمون ۾ استالن چيو هو:

آڪٽوبر انقلاب جي عظيم عالمگير اهميت بنيادي طور تي انهن حقيقتن تي مشتمل آهي تہ:

1. هن قومي مسئلي جي دائري کي وسيع ڪيو ۽ يورپ ۾ قومي جبر ۽ تشدد جو مقابلو ڪرڻ جي خاص مسئلي کي سامراج کان نجات ڏيارڻ واري عمومي مسئلي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

2. هن انهن جي نجات جي لاءِ وسيع امڪان پيدا ڪري ۽ عملي رستا کولي ڇڏيا آهن، اهڙيءَ طرح هن اولهه ۽ اوڀر جي مظلوم قومن جي نجات جي مقصد جي تڪميل جو ڪم تمام آسان ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن کي سامراج جي خلاف ڪامياب جدوجهد جي عام ڌارا ۾ شامل ڪيو آهي.

3. اهڙيءَ طرح هن سوشلسٽ اولهه ۽ محڪوم اوڀر جي وچ ۾ هڪ پل تعمير (Erected a bridge) ڪري ڇڏيو ۽ عالمي سامراج جي خلاف انقلابن هڪ نئون جو محاذ قائم ڪيو آهي، جيڪو روسي انقلاب جي ذريعي، اولهه جي پورهيتن (Proletarians) کان وينڊي اوڀر جي مظلوم قومن تائين ڦهليل آهي.[1]

تاريخ ان طرف ترقي ڪئي آهي جنهن جي اسٽالن نشاندهي ڪئي هئي. آڪٽوبر انقلاب دنيا جي عوام جي نجات لاءِ وسيع تر امڪان پيدا ڪيا آهن ۽ عملي رستا کولي ڇڏيا آهن. هن عالمي سامراج جي خلاف انقلابن جو هڪ نئون محاذ قائم ڪيو آهي جو اولهه جي پورهيتن کان، روسي انقلاب جي ذريعي، اوڀر جي مظلوم قومن تائين ڦهلائي ڇڏيو آهي. انقلابن جو هي محاذ لينن جي ۽ لينن جي وفات کان پوءِ اسٽالن جي دانشمندانہ رهنمائي سان وجود ۾ آيو ۽ پروان چڙهيو آهي.

جيڪڏهن انقلاب برپا ڪرڻو آهي تہ هڪ انقلابي پارٽي هجڻ لازمي آهي، هڪ انقلابي پارٽي کانسواءِ، هڪ اهڙي انقلابي پارٽي جيڪا بغير مارڪسي-ليننئي انقلابي نظريي تي ۽ مارڪسي-ليننئي انقلابي اسلوب تي تعمير ڪئي ويئي هجي، سامراج ۽ انهن جي پالتو ڪتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ پورهيت طبقي ۽ عوام جي قيادت ڪرڻ ناممڪن آهي. مارڪسزم جي ظهور کان اڄ تائين سو سال کان وڌيڪ عرصي ۾، صرف روسي بالشويڪن جي مثال کانپوءِ ئي، جنهن آڪٽوبر انقلاب جي رهنمائي ڪئي، سوشلسٽ تعمير ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪئي ۽ فسطائي جارحيت کي شڪست ڏني، دنيا ۾ هڪ نئين طرز جون انقلابي پارٽيون قائم ٿيون ۽ پروان چڙهيون آهن. هن طرز جي انقلابي پارٽين جي قيام سان عالمي انقلاب جي شڪل بدلجي ويئي. هي تبديلي ايتري زبردست آهي جو اهڙيون تغيرات (Transformations) جيڪي پراڻي نسل جي ماڻهن لاءِ يقينن ناقابلِ تصور (Utterly inconceivable) آهن، باه ۽ گوڙ گمسان جي وچ ۾ رونما ٿي چڪيون آهن. چيني ڪميونسٽ پارٽي هڪ اهڙي پارٽي آهي جيڪا سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي نموني تي تعمير ٿي ۽ پروان چڙهي آهي. چيني ڪميونسٽ پارٽي جي قائم ٿيڻ سان چيني انقلاب جي شڪل هڪ نئون رخ اختيار ڪري ڇڏيو آهي. ڇا اها حقيقت خاصي واضع نا هي؟

[1] جي-وي-اسٽالن جي مضمون "آڪٽوبر انقلاب ۽ قومي مسئلو" جي حصي پئين "انقلاب آڪٽوبر جي عالمگير اهميت" تان ڪنيل.

عالمي انقلابي متحدا محاذ ئي ، جنهن جو سربراھ سوويت يونين آهي ، فسطائي (Fascist) جرمني ، اٽلي ۽ جاپان کي شڪست ڏني . هي آڪٽوبر انقلاب جو نتيجو آهي . جيڪڏهن آڪٽوبر انقلاب نہ اچي ها ، جيڪڏهن سو ويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي نہ هجي ها، سوويت يونين نہ هجي ها ۽ انقلابي متحدا محاذ نہ هجي ها، تہ ڇا ڪوئي بہ فسطائي جرمني ، اٽلي ، جاپان ۽ انهن جي پالتو ڪتن (Running Dogs) تي فتح حاصل ڪرڻ جو تصور بہ ڪري سگهي ها؟ جيڪڏهن آڪٽوبر انقلاب دنيا جي پورهيت طبقن ۽ مظلوم قومن جي نجات (Emancipation)جي لاءِ وسيع امڪان پيدا ڪيا آهن ۽ عملي رستا کوليا آهن ، تہ فسطائيت دشمن (Anti_fascist) ٻي عالمي جنگ جي فتح دنيا جي پورهيت طبقن ۽ مظلوم قومن جي نجات جي لاءِ اڃا بہ زيادہ امڪان پيدا ڪيا ۽ وڌيڪ عملي رستا کوليا آهن.

ٻين عالمي جنگ جي فتح جي اهميت جو اصليت کان گهٽ اندازو لڳائڻ تمام وڏي غلطي هوندي .

ٻين عالمي جنگ جي فتح کان پوءِ آمريڪي سامراج ، جنهن فسطائي جرمني ، اٽلي ۽ جاپان جي جڳهہ والاري آهي ، مختلف ملڪن ۾ پنهنجن پالتو ڪتن سان گڏ بدحواسي سان هڪ نئين عالمي جنگ جي تياري ڪري رهيو آهي، ۽ پوري دنيا جي لاءِ خطرو بڻجي رهيو آهي . اها ڳالهہ سرمائيداري دنيا جي قطعي زواليت ۽ پنهنجي نزديڪ انجام (Imminent doom) کان خوفزدہ هجڻ جي عڪاسي ڪري ٿو. هي دشمن اجان طاقتور آهي ، تنهن لاءِ هر ملڪ جي سيني انقلابي قوتن کي لازمي متحد ٿيڻو پوندو ، سوويت يونين جي سربراهي ۾ سامراج دشمن متحدا محاذ لازمي قائم ڪرڻو پوندو ، ۽ صحيح پاليسين تي عمل ڪرڻ گهرجي نہ تہ فتح ناممڪن ٿيندي. هن دشمن جي بنياد ڪمزور ۽ نازڪ آهي ، هو اندروني طور تي انتشار جو شڪار ٿي چڪو آهي ، هو عوام کان ڪٽيل آهي ، هو اهڙي اقتصادي بحران جي ور چڙهيل آهي جنهن تي ڪابو نٿو پائي سگهي ، انڪري ان کي شڪست ڏيئي سگهون ٿا. دشمن جي طاقت جو اندازو اصليت کان وڌيڪ لڳائڻ ۽ انقلابي قوتن جي طاقت جو اندازو اصليت کان گهٽ لڳائڻ تمام وڏي غلطي هوندي.

چيني ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت هيٺ چيني عوام جي ان عظيم جمهوري انقلاب ۾ ذبردست فتحون حاصل ڪيون آهن ، جنهن جو رخ چين ۾ آمريڪي سامراج جي وحشاني جارحيت (Frenzied aggression) جي خلاف آهي ۽ وطن فروش (Traitorous) ، آمراڻي ۽ رجعت پرست ڪومنتانگ (Reactionary Kuomintang) حڪومت جي خلاف آهي جيڪا خانہ جنگي جي ذريعي چيني عوام جو قتل عام ڪري رهي آهي. جولائي 1946ع کان جون 1948ع تائين ، ٻن سالن جي عرصي ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽي جي زير قيادت عوامي فوج آزادي رجعت پرست ڪومنتانگ حڪومت جي 43 لک فوجن جي حملي کي پوئتي شڪست ڏني ۽ دفائي کان حملي آور واري حالت ۾ اچي ويئي آهي. انهن ٻن سالن جي عرصي جي دوران ( هن ۾ جولاءِ 1948ع کان پوءِ وارا واقعا شامل ناهن) ، عوامي فوج آزادي 26 لک 40 هزار فوجين کي گرفتار ڪيو يا ان جو صفايو ڪري ڇڏيو. چين جي آزاد علائقن جي ايراضي هينئر 23 لک 50 هزار چورس ڪلوميٽر آهي جيڪا ملڪ جي 95 لک 98 هزار چورس ڪلوميٽر ايراضي جو 24.5 سيڪڙو آهي. انجي آبادي 16 ڪروڙ 80 لک آهي جيڪو ملڪ جي 47 ڪروڙ 50 لک آبادي جو 35.3 سيڪڙو آهي. هن ۾ 586 شهر ۽ ڳوٺ آهن جيڪي پوري ملڪ جي 2009 شهرن ۽ ڳوٺن جو 29 سيڪڙو آهن. ڇاڪاڻ تہ اسانجي پارٽي نظام ايراضي

اصلاح (Reform of the land system) تي عمل درآمد ڪرڻ ۾ ثابت قدمي سان گڏ هارين جي قيادت ڪئي آهي ، تنهن ڪري تقريبن 10 ڪروڙ جي آبادي جي علائقن ۾ زمين جو مسئلو پوري طرح حل ڪيو ويو آهي ۽ زميندارن ۽ پراني طرز جي امير هارين جي زمين کي گهٽ ۽ وڌ سراسري طور تي هارين ۾ ، بنيادي طور تي غريب هارين ۽ زمين جي مزدورن ۾ ورهائي ويئي آهي. چيني ڪميونسٽ پارٽي جي رڪنيت جيڪا 1945ع 12 لک 10 هزار هئي هاڻ وڌي 30 لک تائين پهچي ويئي آهي . چيني ڪميونسٽ پارٽي جو اهو فرض آهي ته آمريڪي سامراج جي جارح قوتن کي ڪيڏي ٻاهر ڪرڻ ، ڪومنتانگ جي رجعت پرست حڪمراني جو تختو اونڌو ڪرڻ (Overthrow the reactionary rule of the Kuomintang) ۽ هڪ متحدا جمهوري عوامي ريپبلڪ قائم ڪرڻ جي لاءِ سڄي ملڪ جي انقلابي قوتن کي متحد ڪري . اسان ڄاڻون ٿا ته اسان جي اڳيان اجان گهڻيون مشڪلاتون آهن . پر اسان انهن کان خوفزده نا هيون . اسان ان ڳالهه تي يقين رکون ٿا ته انهن مشڪلاتن تي قابو پائڻ گهرجي ۽ انهن تي قابو پائي سگهجي ٿو .

آڪٽوبر انقلاب جا ڪرڻا اسان تي ضوفشان (Shines) آهن . گهڻي عرصي کان مسئلن جو شڪار چيني عوام کي لازمي پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي يقين ڪامل آهي ته هو آزادي حاصل ڪري سگهن ٿا. چين جي انقلابي جدوجهد جيڪا هميشه بي يارو مدد گار رهي ، انقلاب آڪٽوبر جي فتح کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي بي يارو مدد گار محسوس نٿي ڪري . اسان کي پوري دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين ۽ پورهيت طبقن جي حمايت حاصل آهي ، انهيءَ نقطي کي چيني انقلاب جي پيش رو ڊاڪٽر سن يت سين سمجهي ورتو هيو . جنهن سامراج جي خلاف سوويت يونين سان گڏ اتحاد جي پاليسي واضع ڪئي هئي . هن موت واري بستر تي پنهنجي وصيت طور سوويت يونين کي هڪ خط لکيو هو . هي ڪومنتانگ جو چيانگ ڪائي شيڪ ڦورو گروهه (Chiang Kai_shek bandit gang) جيڪو ڊاڪٽر سن يت سين جي پاليسين سان غداري ڪري رهيو آهي . پر وقت پري ناهي جڏهن ماڻهون چيني عوام جي هٿان ڪومنتانگ جي پوري رجعت پرست حڪمراني جو مڪمل تباهه ٿيل منظر ڏسندا چيني عوام بهادر آهي ، اهڙيءَ طرح چيني ڪميونسٽ پارٽي به بهادر آهي ۽ اهي پوري چين کي آزاد ڪرڻ جو عزم ڪيو ويٺا آهن .

---

پورو ٿيو

ترجمي جو اصل مواد: marxists.org/reference/archive/mao/selected-works/volume-4/mswv4_44.htm

Marxists.org/sindhi/index.htm سنڌي سيڪشن توهان جو شڪر گزار هوندو جيڪڏهن توهان مارڪس ، اينجلس ، لينن ، ٽراٽسڪي ۽ ٻين مارڪسين جا سنڌي ۾ ترجمو ٿيل مواد موڪليندو.

سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل هن آرٽيڪل تي پنهنجي راءِ کان ضرور آگاهه ڪندا tariqsindh93@yahoo.com